# امير اهل سنت کان
# قرآن پاڪ
# جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **اميرِ اهلسنّت کان قرآنِ پاڪ جي باري ۾ سوال جواب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

**مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# اميرِ اهلسنّت کان قرآنِ پاڪ جي باري ۾ سوال جواب

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

هي رسالو اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کان ڪيل سوالن ۽ انهن جي جوابن تي مُشتمل آهي.)

# اميرِ اهلسنّت کان قرآنِ پاڪ جي باري ۾ سوال جواب

**دعاءِ جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت:** ياالله پاڪ! جيڪو به مڪمل رسالو **”اميرِ اهلسنّت کان قرآنِ پاڪ جي باري ۾ سوال جواب“** پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي دين جي خدمت جو جذبو عطا فرماءِ ۽ سنّت جي واٽ تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِیْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن ڏينهن رات ۾ منهنجي طرف شوق ۽ محبت سان ٽي ٽي ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ تي حق آهي ته ان جي ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهه بخشي ڇڏي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] معجم ڪبير، 362/18، حديث: 928

**سوال:** دينِ اسلام جي باري ۾ ڪيئي ڪتابَ لکيا ويا آهن. قرآنِ پاڪ کان بعد انهن تمام ڪتابن مان سڀني کان پهريون ڪهڙو اسلامي ڪتاب لکيو ويو ۽ ڪنهن لکيو؟

**جواب:** حُجةُ الاسلام حضرتِ امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اِحياءُ العلوم ۾ لکيو آهي ته اسلام ۾ سڀ کان پهريون عبدُالملڪ بن عبدُ العزيز بن جُريج رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ڪتاب تصنيف ٿيو. جنهن ۾ آثار ۽ حضرت عطاء، حضرت مجاهد ۽ حضرت عبدُ الله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ جي بن شاگردن کان منقول تفسير آهن. هي ڪتاب مڪي پاڪ ۾ تصنيف ٿيو.[1]

**سوال:** اڳي دور ۾ ڪاغذ موجود نه هو ته ان وقت تحريري ڪم ڪهڙين شين تي ٿيندو هو؟

**جواب:** مختلف شين تي لکائي ٿيندي هئي، جهڙوڪ قرآنِ ڪريم ڪي چمڙي، اٺ جي هڏي ۽ وڻ جي چوڏن وغيره تي لکيو ويندو هو ۽ بعد ۾ انهن شين مان قرآنِ ڪريم هڪ جڳهه جمع ڪيو ويو.[2] جنهن وقت حضرت عثمانِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي شهيد ڪيو ويو ان وقت سندن سامهون چمڙي تي لکيل قرآنِ پاڪ موجود هو ۽ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ان جي تلاوت ڪري رهيا هئا، سندن رت جا ڦڙا قرآنِ ڪريم جي هن آيت تي ڪِريا هئا:

فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۱۳۷﴾

(تفسيردرمنثور،پ1،البقرة،تحت الاية:137، 3/1 40 مفهوماً ـ تفسير عزيزی،622/1 مفهوماً)

**ترجمو ڪنزالايمان:** سو اي حبيب! عنقريب الله انهن جي طرفان اوهان کي اڪفي ٿيندو ۽ اهو ئي ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي.

---

1احياء العلوم،112/1 (ملفوظات اميراہل سنت،343/1)

2مناهل العرفان فی علوم القرآن،202/1 ماخوذاً

اڄ بہ اهو قرآنِ ڪريم ۽ ان تي رت جا نشان موجود آهن. بهرحال! لکڻ جو سلسلو ڪافي پراڻو آهي. پهريان تہ پرنٽنگ پريس (Printing Press) بہ نہ هئا، ان ڪري ڪتابن جي ڇپائي (Publishing) جو سلسلو بہ نہ هو، هڪ ڪتاب جا نقلَ (Copies) تيار ڪرڻ جي لاءِ ان کي ڪيئي ڀيرا لکڻو پوندو هو، ظاهر آهي تہ هي سيئي علم جو شوق هو جو لکي بہ وٺندا هئا ۽ ياد بہ ڪري وٺندا هئا. هاڻي تہ هڪ کان هڪ خوب صورت، دلڪش ۽ مختلف رنگن وارا ڪتاب ڇپجي رهيا آهن، پر افسوس! شوق ختم ٿي رهيو آهي. خاص طور تي ديني ڪتابَ پڑهڻ جو جذبو تمام گهٽ ٿي ويو آهي.[1]

**سوال:** ڪير ڪتابن جي دڪان تي ڪم ڪندو هجي جتي دنياوي ڪتابَ بہ هجن ۽ قرآنِ پاڪ، سيپارا ۽ قاعدا بہ هجن تہ ڇا ان کي هر وقت باوضو رهڻو پوندو؟ يا جيڪڏهن ڪو پاڪ ڪپڙو استعمال ڪرڻ جو طريقو هجي تہ اهو ٻڌايو.

**جواب:** قرآنِ پاڪ کي بنا وضو ڇُهڻ گناهہ آهي.[2] جڏهن تہ اسلامي ڪتابن کي باوضو ڇُهڻ افضل ۽ مستحب آهي ۽ بنا وضو جي ڇُهڻ خلافِ اولٰي آهي.[3] جيڪڏهن بنا وضو واري حالت ۾ قرآنِ پاڪ ڇُهَڻو هجي تہ ان جي لاءِ پاڻ وٽ ڪو پاڪ ڪپڙو يا رومال وغيره رکي ڇڏيو ۽ جڏهن ضرورت هجي تہ ان جي ذريعي کڻي وٺو ۽ رکي وٺو.[4] هن ۾ اهو احتياط ڪرڻو پوندو تہ هٿ يا آڱر جو ڪو بہ

---

1 ملفوظات امير اہل سنت،195/3
2 فتاوي رضويه، جلد1 ص1074
3 فتاوی رضويہ، 1075/1 - بہار شريعت، 1/ 302 حصہ:2
4 درمختار مع ردالمحتار، 348/1

حصو قرآنِ پاڪ سان ٽچ (Touch) نہ ٿئي. دَستانا (Gloves) پائي ڪري ڪٽڻ جائز نہ ٿيندو ڇوتہ دستانا بدن جي تابع هوندا آهن.[1]

**سوال:** جيڪڏهن غلطيءَ سان قرآنِ پاڪ هيٺ تشريف فرما ٿي وڃي(يعني ڪري پئي) ۽ وضو بہ نہ هجي تہ ڇا بنا وضو قرآنِ پاڪ کڻي ڪري رکي سگهون ٿا؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪو رومال يا ڪپڙو ڪيسي ۾ هجي تہ ان جي ذريعي کڻي وٺو[2] يا پوءِ هڪ صورت هي بہ آهي تہ ڪنهن نابالغ کان کڻايو وڃي، ڇوتہ ان جو وضو ناهي ٽُٽندو.[3]

(اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي پرسان وينل مُفتي صاحب فرمايو:) جيڪڏهن توهين يا بي ادبي جي صورت هجي، جيئن معاذَ الله! قرآنِ ڪريم ڪنهن ناليءَ ۾ ڪريل ڏسو تہ اهڙي صورت ۾ فقهاءِ ڪرام اجازت ڏني آهي تہ بنا وضو بہ قرآنِ پاڪ کڻي سگهي ٿو.[4]

**سوال:** ڇا قرآنِ پاڪ جي تفسير کي بنا وضو ڇُهي سگهون ٿا؟

**جواب:** جي ها! قرآنِ پاڪ جي تفسير کي بنا وضو ڇُهي سگهو ٿا البت جتي جتي آيت يا ان جو ترجمو لکيل هجي عين انهيءَ جڳهہ ان جي پنيان ڪاغذ جو جيڪو حصو آهي ان کي نہ ٿا ڇُهي سگهون.[5]

---

1درمختار مع ردالمحتار،348/1 (ملفوظاتِ امير اہل سنت ، 209/3)
2درمختار مع ردالمحتار، 348/1
3بہار شريعت، 302/1، حصہ:2
4التبيان فی آداب حملۃ القرآن، ص196 ماخوذاً (ملفوظاتِ امير اہل سنت ، 210/3)
5فتاوی رضويہ،1075/1

(هن موقعي تي مدني مذاڪري ۾ موجود مفتي صاحب فرمايو:) تفسير ٻن طرح جا هوندا آهن: هڪ ته اهي جيڪي الڳ سان هوندا آهن ۽ تفسير ئي چورائيندا آهن جيئن ته تفسيرِ جلالين جو هي اسان وٽ الڳ سان ملندو آهي ته ان کي بنا وضو جي ڇُهي سگهون ٿا ۽ ٻيا اهي تفسير جيڪي بلڪل قرآنِ پاڪ جيان هوندا آهن ۽ قرآنِ پاڪ ئي چورائيندا آهن جيئن بيروت مان ڇپجڻ وارو تفسيرِ جلالين، تفسيرِ خزائنُ العرفان ۽ تفسيرِ نورُ العرفان وغيره ڇوته هي ڏسڻ ۾ قرآنِ پاڪ ئي معلوم ٿيندا آهن تنهنڪري اهڙن تفسيرن کي بنا وضو جي هٿ نٿا لڳائي سگهون.[1]

(هڪ ٻئي موقعي تي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فرمايو:)

تفسيرِ نعيمي يا تفسيرِ صراطُ الجنان هي مفصل تفسير آهن انهن کي به جيتوڻيڪ بنا وضو ڇُهڻ سُنو ناهي، مستحب آهي ته انهن کي به باوضو هٿ لڳايو وڃي پر ڪنهن انهن کي بنا وضو هٿ لاتو ته گناهه ناهي. البت بنا وضو واري حالت ۾ انهن کي ۽ ڪنهن به ديني ڪتاب کي ڇُهڻ وقت هي احتياط ڪرڻو پوندو ته قرآني آيت يا ان جي ترجمي جي اڳيان يا پٺيان ڪٿي به هٿ نه لڳي.[2]

**سوال:** جيڪڏهن ڪتابن جي الماڙي جي هڪ پارٽيشن ۾ قرآنِ پاڪ هجي ته ان جي مٿان واري پارٽيشن ۾ ڪو ٻيو ديني ڪتاب وغيره رکي سگهون ٿا، اها بي ادبي ته ناهي؟

---

2(بي وضو، جنبي ۽ حيض ۽ نفاس واري) انهن سيني جو فقهه ۽ تفسير حديث جي ڪتابن کي ڇُهڻ مڪروهه آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪنهن ڪپڙي سان هٿ لاتو جيتوڻيڪ ان کي پاتل هجي يا ويڙهيل هجي ته حرج ناهي پر آيت جي جڳهه تي انهن ڪتابن ۾ به هٿ رکڻ حرام آهي. (بہارِ شریعت، 327/1،حصہ:2)

2ملفوظاتِ امیر اہل سنت،406/1

جواب: مٿان نہ ڪتابَ رکو نہ ئي ڪو ٻيو سامان رکو. ڪجھ ماڻھو الماڙي ۾ ديني ڪتابَ رکندا آهن ۽ مٿان ٻيون شيون رکي ڇڏيندا آهن ائين نہ ڪيو.[1]

سوال: جنھن ڪمري ۾ قرآنِ پاڪ هجي ان جي ڇت تي چڙهڻ ۾ ڪا بي ادبي تہ ناهي؟

جواب: جي نہ! ان ۾ ڪا بي ادبي ناهي نہ تہ زندگي مشڪل ٿي ويندي. اسان مسجد جي پهرين منزل تي نماز پڙهڻ جي لاءِ ويندا آهيون تہ هيٺ قرآنِ پاڪ هوندا آهن، اهڙيءَ طرح بلڊنگن ۽ پلازن ۾ ڪو بہ گھر اهڙو ناهي جنھن ۾ قرآنِ ڪريم نہ هجي تہ ائين ان جو ڪو حل ناهي.[2]

سوال: ريل گاڏي، هوائي جهاز يا ٻيڙي وغيره ۾ سفر جي دوران قرآنِ ڪريم کي ڪهڙيءَ جڳھ تي رکون؟

جواب: ادب واري جاءِ تي رکو. اهڙي بيگ جنھن جي مٿان پير رکي ڪري يا ان بيگ تي ئي ماڻھو ويهي رهندا آهن، تہ پنھنجي ضمير کان پڇو تہ ڇا ڪو ان ۾ قرآنِ ڪريم رکي سگھي ٿو!! تنھنڪري قرآنِ پاڪ الڳ سان ڪنھن بيگ ۾ رکي ڪري اهڙي جڳھ رکو جتي بي ادبي نہ هجي يا پاڻ وٽ رکي ڇڏيو. جيڪڏهن جُزدان ۾ ويڙهيل آهي تہ بنا وضو بہ ان کي هٿ ۾ رکڻ ۾ حرج نہ آهي.[3]

سوال: جيڪڏهن ڪنھن کي قرآنِ پاڪ تحفي ۾ ڏنو ۽ ان قرآنِ پاڪ ۾ جيڪي سجده هوندا آهن اهي سجده نہ ڪيا تہ ڇا اهو قرآنِ پاڪ جو تحفو قبول ٿيندو يا نہ؟

---

1فتاویٰ ہندیہ، 324/5 (ملفوظات امیر اہل سنت ، 275/3)
2ملفوظاتِ امیر اہل سنت ، 276/3
3در مختار مع رد المحتار،348/1 (ملفوظات امیرِ اہل سنت، 298/4)

جواب: جيڪڏهن قرآنِ پاڪ جو نسخو ڪنهن کي تحفي ۾ ڏنو تہ ثواب ملندو. آيتِ سجده پڙهڻ ٻڌڻ جا جيڪي بہ مسئلا آهن انهن جي مطابق جڏهن سجدو ڪنهن تي واجب ٿيندو تڏهن انهن کي سجدو ڪرڻو پوندو. هاڻي جنهن کي قرآنِ پاڪ ڏنو ويو، جيڪڏهن اهو آيتِ سجده پڙهي يا ٻڌي ڪري سجدو نٿو ڪري تہ هيءُ سندس معاملو آهي، جيڪڏهن سجدو واجب هجڻ جي باوجود نہ ڪندو تہ اهو گنهگار ٿيندو. پڻ هي بہ ممڪن آهي تہ جنهن کي قرآنِ پاڪ تحفي ۾ ڏنو ويو ان کي پڙهڻ ئي نہ ايندو هجي. بهرحال اهڙي شخص کي بہ قرآنِ ڪريم تحفي ۾ ڏيڻ ۾ حرج نہ آهي.[1]

سوال: جيڪڏهن ڪنهن انسان تي پيرا ڪوڙي ڳالهہ تي قرآنِ پاڪ کنيو تہ ان جو ڇا گناهہ آهي؟

جواب: قرآنِ ڪريم جو قسم کڻڻ قسم آهي باقي صرف قرآنِ ڪريم کڻي ڪري يا ان تي هٿ رکي ڪري کا ڳالهہ ڪرڻ قسم ناهي فتاوٰي رضويہ جلد 13 صفحو 574 تي آهي: ڪوڙي ڳالهہ تي قرآنِ مجيد جو قسم کڻڻ سخت عظيم ڪبيره گناهہ آهي ۽ سچي ڳالهہ تي قرآنِ پاڪ جو قسم کڻڻ ۾ حرج ناهي ۽ ضرورت هجي تہ کڻي بہ سگهي ٿو پر هي قسم کي تمام سخت ڪندو آهي. ڪنهن خاص ضرورت کان علاوه قسم نہ کڻڻ گهرجي.[2]

سوال: قرآنِ پاڪ جو صفحو (Page) شهيد ٿي ڪري زمين تي تشريف وٺي اچي تہ ڇا ان کي بنا وضو جلدي ۾ کڻي سگهون ٿا؟

جواب: وضو ناهي ۽ نہ ئي ڳڏ ڪو نابالغ ٻار آهي جيڪو کڻي وٺي ۽ نہ ئي ڳڏ ڪو رومال وغيره آهي جنهن جي ذريعي کڻي سگهي ۽

1 ملفوظاتِ امير اہل سنت، 133/1
2 ملفوظاتِ امير اہل سنت، 494/1

صورتحال اهڙي آهي جو هي پاڻ ئي ڪٽندو ته تڏهن ئي ڪجندو، بچڻ جي ڪا صورت ناهي ته پوءِ ان کي ڪٽڻو پوندو، توڙي جو بنا وضو ڪٽي ۽ ان کي ادب واري جاءِ تي رکي جو ان جو ادب فرض آهي.[1]

سوال: اسان جي ڳوٺ ۾ ڪيئي قرآنِ پاڪ دفن آهن، پهريان ڪنهن نه ڏنو هو، هاڻي انهن جي مٿان مٽي هٽي وئي آهي ته اهي قرآنِ پاڪ نظر اچڻ لڳا آهن، اسان انهن جو ڇا ڪيون؟

جواب: اهي قرآنِ پاڪ بوسيده هوندا جيڪي تلاوت جي قابلِ نه هوندا، جيڪڏهن هن طرح جا آهن جيئن مقدس اوراق هوندا آهن ته انهن کي اتان ڪڍي ڪري ڪنهن محفوظ جڳهه جتي ماڻهن جي اَچ وڃ نه هجي اُتي دفن ڪري ڇڏيو يا انهن کي بوريءَ ۾ وجهي ڪري بورين کي چيري ڪري يا ڪا وزندار شيءِ انهن ۾ وجهي ڪري درياء جي وچ ۾ وجهي ڇڏيو. خبر هجڻ جي باوجود ته هي قرآنِ پاڪ آهن انهن کي اتي ئي ڇڏي ڏنو، ته نعوذُ باﷲ ماڻهو انهن جي مٿان هلن ان جي اجازت ناهي. مسجدن ۾ قرآنِ پاڪ تمام گهڻا جمع ٿي ويندا هوندا ته ماڻهو قرآنِ پاڪ به هن طرح دفن ڪري ايندا هوندا، حالانڪ جيڪڏهن اهي پڙهڻ جي قابل آهن ۽ ڪنهن مسجد ۾ رکيل آهن ته انهن کي دفن ڪرڻ جائز نه ٿيندو. رمضان شريف ۾ ماڻهو قرآنِ پاڪ جا نوان نوان نسخا آڻي ڪري مسجدن ۾ رکي ڇڏيندا آهن، ان جو هي مطلب ناهي هوندو ته جيڪي پهريان رکيل آهن انهن کي ٽڏو ڪيو وڃي جوته اهي پڙهڻ جي قابل هوندا آهن.[2]

سوال: ڪنهن مسجد ۾ تلاوت ڪرڻ وارا نه هجن ۽ اتي پهريان کان ئي قرآنِ پاڪ موجود هجن ته اتي وڌيڪ قرآنِ پاڪ رکي سگهون ٿا؟

---

1ملفوظات امير اہل سنت، 322/5
2ملفوظاتِ امير اہل سنت ، 511/3

جواب: هن طرح جي مسجدن ۾ قرآنِ پاڪ نه رکڻ گهرجن ۽ نه اهڙي جڳهه رکڻ گهرجن جتي تلاوت وغيره ڪرڻ وارا ماڻهو نه هجن چوته جتي تلاوت ئي نه ڪئي وڃي اتي قرآنِ پاڪ رکڻ جو ڪهڙو فائدو؟ ۽ مسجدن ۾ پهريان ئي قرآنِ پاڪ موجود هوندا آهن، جتي وڌيڪ آڻي ڪري رکڻ جو مقصد ئي ناهي ته پوءِ ايترن قرآنِ پاڪ جي نسخن ۾ تلاوت ڪير ڪندو؟ اسان وٽ ته رواج بڻجي ويو آهي ته ڪنهن جو انتقال ٿيندو آهي ته فوراً قرآنِ پاڪ جو نسخو مسجد ۾ پهچايو ويندو آهي ته ايصالِ ثواب جي لاءِ مسجد ۾ قرآنِ ڪريم رکي رهيا آهيون.

ان سان مسجد جي جڳهه به گهيرجندي آهي ۽ ان جو صحيح استعمال به ناهي ٿي سگهندو ۽ پوءِ ماڻهن ڪي قرآن خوانين جو ايترو شوق به ناهي جو روزانو جي بنياد تي پنجاهه سؤ قرآن خوانيون ٿي رهيون هجن. شايد ٽيون، ڏهون، چاليهو ٿيندو هوندو ته قرآن خواني ٿيندي هوندي يا نئون دڪان کوليو هوندو ته ان جي افتتاح ۾ قرآن خواني ڪرائي ويندا هوندا. هن طرح ڪجهه خاص خاص موقعا هوندا آهن جن ۾ قرآن خوانيون ٿينديون آهن هي سُني ڳالهه آهي.[1]

سوال: مسجدن ۾ قرآنِ پاڪ رکڻا هجن ته ان جو احتياط ارشاد فرمايو.

جواب: مسجد ۾ قرآنِ پاڪ رکڻا هجن ته مسجد جي امام صاحب سان مشورو ڪيو وڃي چوته امام صاحب پنج ئي وقت مسجد ۾ ئي هوندا آهن انهن کي معلوم هوندو آهي ته ڪيترا ماڻهو قرآنِ پاڪ

1 ملفوظاتِ امیر اہل سنت ، 513/3

پڙهن ٿا؟ مشورو ڪرڻ بهتر رهندو، نہ تہ جيڪڏهن 99 قرآنِ پاڪ رکيل هئا تہ هڪ ٻئي جو اضافو ٿي ڪري 100 پورا ٿي ويندا. رمضان شريف کان علاوه ايترا ماڻهو قرآنِ پاڪ پڙهندي نظر ناهن ايندا. باقي جيڪي مسجدون آباد هونديون آهن انهن ۾ ڪجھ نہ ڪجھ تلاوت ڪرڻ وارا هوندا آهن پر انهن جو بہ تعداد ايترو ناهي هوندو جيترا قرآنِ پاڪ رکيل هوندا آهن، قرآنِ پاڪ ڪافي رکيل هوندا آهن پر پڙهڻ وارا بہ چار ئي هوندا آهن.

احمد آباد شريف هند جي مسجدن ۾ ڏٺو هو تہ ڪافي قرآنِ پاڪ رکيل هئا ايستائين جو پورا پورا باڪس قرآنِ ڪريم سان ڀريا پيا هئا، بائنڊنگ ڪيل 30 سيپارا رکيل آهن ۽ انهن تي (گجراتي ۾)هن طرح جا جملا لکيل آهن ”**فلان ڀائي نا ايصالِ ثواب**“، **فلان ڀائي نا طرف تي ايصالِ ثواب**“ ويچارا ڪاميٽي وارا بہ بيوس هوندا آهن جو جيڪو ڏيڻ آيو آهي ان کي ڪهڙيءَ طرح منع ڪن، جيڪڏهن منع ڪيو تہ ان کان وڙهندو ڪير؟ انهي ڪري ماڻهو رکي ڇڏيندا آهن. مان هي سوچيندو آهيان تہ ڪاميٽي وارا ايترن قرآنِ پاڪ جي نسخن کي ڪيئن سنڀاليندا هوندا؟ ٿي سگهي ٿو تہ هي قرآنِ پاڪ ماڻهو گهرن ۾ قرآن خواني جي لاءِ کڻي ويندا هجن پوءِ واپس کڻي ڪري رکي ڇڏيندا هجن پر قرآن خواني جي لاءِ بہ صرف هڪ ئي سيٽ ڪافي ٿيندو هوندو، ان جي باوجود مون ڪيئي سيٽ رکيل ڏٺا آهن جو هي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ آهن.[1]

سوال: جيڪڏهن مسجد ۾ قرآنِ پاڪ گهٽي تعداد ۾ جمع هجن ۽ پڙهڻ وارا اوترا نہ هجن تہ انهن جو ڇا ڪيو وڃي؟

1 ملفوظاتِ امیر اہل سنت ، 512/3

**جواب:** (امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي پرسان وينل مُفتي صاحب فرمايو:) جيڪڏهن هڪ ئي مسجد ۾ ڪافي قرآن پاڪ جمع ٿي ويا ته جن جي اتي ضرورت ئي نه آهي ته انهن کي ٻيءَ مسجد جي لاءِ ڏئي سگهجي ٿو.

(اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فرمايو:) مسجدن ۾ قرآنِ پاڪ رکڻ کان بهتر آهي ته مدرسن ۾ رکيا وڃن، جيڪي مُدرس اتي پڙهائين ٿا انهن کان پڇي ڪري انهن کي ڏنا وڃن ته توهان هي قرآنِ پاڪ انهن ٻارن کي ڏيو جيڪي حفظ ڪندا يا ناظره پڙهندا آهن يا جن کي ضرورت هجي انهن کي ڏئي ڇڏيو. مان سمجهان ٿو ته هن طرح ٻار انهن ۾ تلاوت ڪندا ته ڏيڻ واري کي ثواب ملندو نه ته اهي مسجد ۾ رکيل ئي رهندا. منهنجي گفتگو مان ڪنهن کي هيءَ غلط فهمي نه ٿي ته قرآنِ پاڪ مسجدن ۾ رکڻ ئي نه گهرجن ائين ناهي، پڙهڻ وارن جي لاءِ مسجدن ۾ قرآنِ پاڪ رکڻ ڪارِ ثواب آهي.[1]

**سوال:** مسجد ۾ قرآنِ پاڪ پيل هوندا آهن جن کي پڙهڻ وارو ڪير به ناهي هوندو ڇا اهي قرآنِ پاڪ اسان ڪنهن گهر ۾ پڙهڻ جي لاءِ ڏئي سگهون ٿا؟

**جواب:** قرآنِ پاڪ جي لاءِ "**پيل هوندا آهن**" جا الفاظ ڳالهائڻ مناسب ناهي ڇوته ان ۾ ادب نٿو لڳو وڃي. بلڪ هيئن چيو وڃي ته " قرآنِ پاڪ تشريف فرما هوندا آهن يا قرآنِ پاڪ رکيل هوندا آهن." بهرحال جيڪڏهن قرآنِ پاڪ مسجد جي لاءِ وقف ڪيا ويا آهن ته اهي گهر ۾ پڙهڻ جي لاءِ نه ٿا ڏئي سگهون.[2]

1 ملفوظاتِ امير اہل سنت ، 514/3
2بہارِ شریعت،535/2، حصہ:10 ماخوذاً (ملفوظاتِ امير اہل سنت، 297/2)

سوال: ڇا قرآنِ پاڪ کي خوشبو لڳائي سگهون ٿا؟

جواب: جيڪڏهن قرآنِ پاڪ ذاتي آهي تہ اهڙي خوشبو جنهن سان داغ نہ ٿين پنهنجي هٿ تي هٽي ڪري قرآنِ پاڪ تي تعظيم جي نيّت سان لڳائي سگهون ٿا. البت جيڪڏهن قرآنِ پاڪ جو نسخو ڪنهن ٻئي جو هجي تہ پوءِ نہ هڻو، ڇوتہ ممڪن آهي تہ خوشبو جو داغ ٿي وڃي. مسجد ۾ تلاوت جي لاءِ جيڪي قرآنِ پاڪ جا نسخا رکيل هوندا آهن انهن تي خوشبو نہ لڳايو.[1]

سوال: اڪثر ڏٺو آهي تہ قرآنِ پاڪ ۾ خوبصورتي جي لاءِ مورَ جا پرَ رکيا ويندا آهن، هي ارشاد فرمايو تہ قرآنِ پاڪ ۾ مورَ جو پرُ رکڻ ڪيئن آهي؟

جواب: قرآنِ پاڪ ۾ مور جو پرُ رکڻ ۾ حرج ناهي جو ان ۾ بي ادبي جو تصور ناهي هوندو. اسان بہ ننڍپڻ ۾ مور جا ننڍا ننڍا پرَ قرآنِ پاڪ ۾ خوبصورتي جي نيّت سان رکندا هئاسين، البت ڪو پورو بندل رکي تہ هي ڳالھ الڳ آهي.[2]

سوال: ڪجھ ٻار قرآنِ پاڪ ۾ خالي جڳھ تي پنهنجو نالو لکندا آهن گل ٻوٽا ٺاهيندا آهن انهن جو ائين ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: جيڪڏهن قرآنِ ڪريم جو نسخو پنهنجو ذاتي آهي تہ خالي جڳھ ۾ نالو لکڻ ۽ سهڻا گُل ٺاهڻ ۾ حرج ناهي جڏهن تہ ائين ڪرڻ سان قرآنِ پاڪ جي خوبصورتي خراب نہ ٿيندي هجي، باقي جيڪي مدرسي جا وقف ٿيل قرآنِ پاڪ هوندا آهن انهن ۾ نہ نالو لکي سگهون ٿا نہ لڪير لڳائي سگهون ٿا نہ انهن جا صفحا موڙي

1ملفوظات امير اہل سنت، 271/5
2ملفوظاتِ امير اہل سنت،491/1

سگهون ٿا نہ گُل ٻوٽا ناهي سگهون ٿا ۽ نہ ئي ڪو اهڙو انداز اختيار ڪري سگهون ٿا جو جنهن سبب انهن کي نقصان پهچي.[1]

**سوال:** جيڪڏهن ٿانوَن ۾ آيتون لکيل هجن تہ انهن ۾ ڪاڏو ڪائي سگهون ٿا؟

**جواب:** نہ ٿا ڪائي سگهون. البت باوضو ٿي ڪري شفا جي نيّت سان ان ٿانوَ ۾ پاڻي وجهي ڪري پي سگهجي ٿو. وضو نہ هجڻ جي صورت ۾ آيت تي هٿ نہ ٿا لڳائي سگهون.(2) [3]

**سوال:** قرآنِ ڪريم ۾ جڳهہ جڳهہ تي رڪوع پورو ٿيڻ تي "ع" لکيل هوندو آهي، هن مان ڇا مُراد آهي؟

**جواب:** ٿي سگهي ٿو تہ هي ٻڌي ڪري اوهان کي حيراني ٿئي تہ هي هڪ اشارو آهي ۽ هن مان مُراد اميرُ المؤمنين حضرتِ عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ آهن.[4] هيئن هن حساب سان قرآنِ پاڪ جو ڪو بہ نسخو سندن ذڪرِ خير سان خالي ناهي.[5]

**سوال:** موبائل ۾ قرآني آيتن جي Message کي Delete ڪرڻ ڇا هن حديثِ پاڪ جي حڪم ۾ ايندو تہ قربِ قيامت ۾ ماڻهو قرآن کي مِٽائيندا؟

---

1ملفوظات امير اہل سنت، 132/5

1صدرُ الشريعہ مولانا مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن ٿانوَ يا ڪلاس تي آيت لکيل هجي انهن جو ڇُهڻ هنن (بي وضو، جنبي ۽ حيض ۽ نفاس واري) کي حرام آهي ۽ ان جو استعمال سيني کي مڪروه آهي جڏهن تہ خاص شفا جي نيّت سان هجي. (بہار شريعت،327/1، حصہ: 2 مفہوماً)

3ملفوظات امير اہل سنت، 132/5

4مراٰة المناجيح،188/3 ماخوذاً

5ملفوظاتِ امير اہل سنت ، 196/3

جواب: ماڻهو قرآن کي مِٽائيندا هي مون ناهي پڙهيو، البت هن طرح آهي تہ قرآن کنيو ويندو يعني سينن مان نڪري ويندو.

(اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي ويجهو وينل مُفتي صاحب جن فرمايو:) حضرت عبدُ الله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي حوالي سان آهي تہ قربِ قيامت ۾ قرآنِ پاڪ سينن مان ڪڍيو ويندو.[1]

(اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ فرمايو:) يعني ڪو حافظ باقي نہ رهندو، پنهنجي موبائل مان Delete ڪرڻ مُراد نہ آهي. قرآنِ پاڪ جون مبارڪ آيتون لکي ڪري تعويذ بہ ٺاهيا ويندا آهن ۽ انهن کي پاڻي ۾ وڌو ويندو آهي جيڪي ان ۾ ڳري ويندا آهن ۽ آيتون ڌهي وينديون آهن تہ ان کي قيامت جي نشاني نہ چيو ويندو بلڪ ان

---

[1] حضرت عبدُ الله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: بيشڪ هي جيڪو قرآن توهان جي سامهون موجود آهي، عنقريب ان کي کنيو ويندو. هڪ شخص چيو: هي ڪيئن ٿو ٿي سگهي حالانڪ اسان ان کي دلين ۾ ۽ صحيفن ۾ محفوظ ڪري رکيو آهي، اسان پنهنجي ٻارن کي ان جي تعليم ڏيندا آهيون ۽ اسان جا ٻارَ پنهنجي اولاد کي قرآنِ پاڪ سيکاريندا آهن. پاڻ فرمايائون: اهو هڪ رات ۾ هليو ويندو ۽ صبح جي وقت ماڻهو ان کي نہ لهندا ۽ ان جي صورت هيءَ ٿيندي تہ قرآن دلين ۽ صحيفن مان مٽايو ويندو. (تفسير ابو سعود،پ15،بنیٓ اسرائيل، تحت الآية: 86، 3/3 50) پڻ حضرت عبدُ الله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جن ئي فرمايو تہ قرآنِ پاڪ خوب پڙهو ان کان پهريان جو قرآن کنيو وڃي جوتہ قيامت قائم نہ ٿيندي جيستائين قرآنِ پاڪ نہ کنيو وڃي. ( شعب الايمان، 355/2، حديث: 2026) جڏهن قيامِ قيامت(قيامت جي قائم ٿيڻ) کي صرف چاليهہ سال رهجي ويندا، تہ هڪ خوشبودار ٿڌي هوا هلندي، جيڪا ماڻهن جي بغلن جي هيٺان گذرندي، جنهن جو اثر هي ٿيندو جو مسلمان جو روح قبض ٿي ويندو ۽ ڪافر ئي ڪافر رهجي ويندا ۽ انهن تي قيامت قائم ٿيندي. (بهارِ شريعت، 127/1،حصہ:1)

پاٽيءَ جو پيئڻ جائز ۽ باعثِ شفا ٿيندو تنهنڪري موبائل مان قرآني آيتون Delete ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.[1]

سوال: جيڪڏهن ڪو قرآنِ پاڪ حفظ ڪري ته ڪيتري عرصي تائين ياد رکڻ ضروري آهي؟

جواب: مرڻ گهڙيءَ تائين ياد رکي ۽ **پاڻ مرادو** نه ويساري، البت جيڪڏهن حافظو خود بخود ختم ٿي وڃي هي الڳ ڳالهه آهي جيئن ته ڪڏهن ڪڏهن آخري وقت جڏهن پانهو مرڻ جي ويجهو ٿيندو آهي يا حادثي جي صورت ۾ حافظو ختم ٿي ويندو آهي ۽ پانهو پنهنجي ماءُ پيءُ بلڪ پنهنجي اولاد تائين کي به ناهي سڃاڻي سگهندو. الله پاڪ اسان کي ان حالت کان محفوظ رکي، جيڪو قرآنِ پاڪ حفظ ڪري اهو سڄي عُمر قرآنِ پاڪ پڙهندو رهي ۽ ٿي سگهي ته روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيپارو پڙهي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هن طرح دور ڪندو رهڻ سان قرآنِ پاڪ ياد رهندو.[2]

سوال: ڪڏهن ڪڏهن اسڪول، ڪاليج ۾ امتحان جي تياري جي لاءِ قرآنِ پاڪ جون آيتون ياد ڪيون وينديون آهن جيڪي اسلاميات ۽ دينيات جي پيپر جو حصو هونديون آهن يا ڪنهن ٻئي مقصد جي لاءِ ياد ڪيون وينديون آهن ڇا انهن سيني جي لاءِ هي حڪم آهي ته جيڪا آيت هڪ ڀيرو ياد ڪئي ان کي ياد ئي رکڻو آهي ويسارڻو ناهي؟

جواب: جيڪا آيت ياد ڪئي وئي ان کي ياد ئي رکو. مبلغ ۽ مُقرر به بيان جي لاءِ ڪجهه آيتون زباني ياد ڪري وٺندا آهن ڇوته عام طور تي هي حضرات آيتون زباني ئي پڙهندا آهن جيتوڻيڪ اسان پنهنجي

1 ملفوظاتِ امير اہل سنت ، 551/3
2 ملفوظاتِ امير اہل سنت ، 194/4

مبلغن کي هي ذهن ڏنو آهي ته بيان ڏسي ڪري ئي ڪرڻو آهي پر بيان ڪرڻ وارا ائين ناهن ڪندا ته انهن کي به هي خيال رکڻو پوندو ته جيڪا آيت هڪ ڀيرو ياد ٿي وئي هاڻي ان کي ياد ئي رکو.

(اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي پرسان وينل مُفتي صاحب فرمايو:) هي حڪم مطلقاً آهي يعني هر هڪ جي لاءِ آهي توڙي جو اهو حافظِ قرآن هجي يا نه هجي. الزّواجر ۾ هڪ اکر ۽ آيت جي حوالي سان هيءَ ڳالهه لکيل آهي.[1]

**سوال:** ڪجھ ماڻهن کي قرآنِ پاڪ پڙهائڻ ناهي ايندو، پوءِ به قرآنِ پاڪ پڙهائيندا ۽ ان جا پيسا وٺندا آهن، ائين ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب:** هي ناجائز آهي. ائين ڪرڻ وارو گنهگار ٿيندو.[2]

**سوال:** جيڪي گهرن ۾ قرآنِ پاڪ پڙهائڻ ويندا آهن جيڪڏهن گهروارا بنا گهرڻ جي انهن کي ڪجھ کائڻ جي لاءِ ڏين ته ڇا اهو کائي سگهن ٿا؟

**جواب:** جيڪڏهن بنا گهرڻ جي پنهنجي شوق سان کارائيندا آهن ته بلڪل کائي سگهن ٿا، گهر وارن کي ثواب به ملندو. ان جي لاءِ سوال نه ڪيو وڃي ۽ نه ئي Indirect (يعني ڪنهن واسطي سان) چيو

---

1الزواجر ، 256/1۔جہنم میں لے جانے والے اَعمال، 1/ 394 (ملفوظاتِ امير اہل سنت ، 38/4)

2 (بہار شريعت، 170/3، حصّہ:14 ماخوذاً) **اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **فرمائن ٿا: بلاشبه ايتري تجويد جو جنهن سان حروف صحيح ٿين ۽ غلط پڙهڻ کان بچي سگهڻ فرضِ عين آهي. "بزازيه" وغيره ۾ آهي:** "اَللَّحْنُ حَرَامٌ بِلَا خِلَافٍ" **(بغير ڪنهن اختلاف جي لحن حرام آهي).** (فتاوىٰ رضويه،6/ 343) **مثال طور هڪ اکر کي ٻئي اکر سان مَٽائي ڇڏڻ، جيئن اَلْحَمْدُ کي اَلْهَمْدُ پڙهڻ، اعراب جي غلطي ڪرڻ، جيئن** "عَصٰى اٰدَمُ رَبَّه" **۾ "اٰدَمُ" جي "ميم" تي زبر ۽ "رَبَّهٗ" جي "با" تي پيش پڙهڻ** (ملفوظاتِ امير اہل سنت ، 213/4)

وجي، جيئن ”**مونکي تمام گهڻي بُکَ لڳل آهي، اڄ ڪائڻ جو موقعو نہ مليو، گيس ختم ٿي وئي هئي، پچائي نہ سگهياسين، هتان فارغ ٿي ڪري هوٽل تي ويندس، اڄ تہ هوٽل تي ڪاڌو پوندو.**“ هي تمام سوال جا ئي انداز آهن، چوتہ اهي ٻڌي ڪري چوندا تہ ”نہ قاري صاحب! اسان اوهان کي ماني کارائينداسين، هاڻي ٿا ماني کڻي اچون“ تہ هي اندازَ مناسب ناهن.[1]

**سوال:** جيڪڏهن نماز نہ ايندي هجي ۽ باجماعت نماز پڙهي وجي تہ ڇا نماز ٿي ويندي آهي؟

**سوال:** جنهن جي قراءت درست ناهي ان جي لاءِ ضروري آهي تہ ڪنهن جامع شرائطِ امامت قاري جي پٺيان نماز پڙهي ۽ ان تي فرض آهي تہ ڪوشش ڪري ايتري قراءت سکي ۽ ياد ڪري وٺي جيتري نماز ۾ ڪرڻ فرض آهي.[2] پڻ نماز ۾ جيتري قراءت ڪرڻ واجب آهي اوتري ئي سکڻ ۽ ياد ڪرڻ واجب آهي.[3] اهڙيءَ طرح جيتري قراءت نماز ۾ مستحب آهي اوتري قراءت سکڻ ۽ ياد ڪرڻ ۾ مستحب آهي.[4]

قاري جي پٺيان نماز پڙهڻ جو مطلب هيءُ آهي تہ اهڙي شخص جي پٺيان نماز پڙهي جيڪو درست قرآن پڙهڻ ڄاڻيندو هجي هي مُراد ناهي تہ جيڪي وڏي لهجي سان ڪنَ تي هٿ رکي ڪري خوبصورت آواز ۾ پڙهندا آهن انهن جي پٺيان نماز پڙهي جو عام طور تي ماڻهو اهڙن کي ئي قاري سمجهي رهيا هوندا آهن حالانڪ انهن مان هر هڪ جو قاري هجڻ ضروري ناهي بلڪ انهن مان

---

[1] ملفوظات امير اہل سنت، 68/5

2در مختار مع رد المحتار،395/2-396 ملخصاً-بہارِ شريعت، 570/1، حصہ:3

3در مختار مع رد المحتار،315/2-بہارِ شريعت،545/1 ، حصہ:3

4 فتاوٰی رضويہ ، 349/6ماخوذاً

ڪجھ مخارج جي معاملي ۾ اڻ واقف هوندا آهن البت جيڪڏهن ڪو اهڙي خوبصورت اندازَ ۾ پڙهڻ وارو واقعي قاري هجي تہ ان جي پٺيان نماز پڙهي سگهجي ٿي. ياد رهي! اصل قاري اهو آهي جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ ايتري قراءت درست هجي جنهن سان نماز صحيح ادا ٿي سگهي. بهرحال جنهن جي قراءت درست نہ هجي اهو ڪنهن جامع شرائطِ امامت قاري جي پٺيان نماز پڙهي ۽ سڪندو بہ رهي ۽ اهو التّحيات بہ سکي ڪري ياد ڪري وٺي جو ان جو بہ نماز ۾ پڙهڻ واجب آهي.[1]

**سوال:** اسان موبائل فون ۽ ڪمپيوٽر تي تلاوت ٻڌندا آهيون، جيڪڏهن ان دوران اسان کي ڪو ڪم ڪرڻو پوي تہ ڇا اسان تلاوت کي روڪي ڪري پنهنجو ڪم ڪري ٻيهر تلاوت ٻڌي سگهون ٿا ۽ ائين ڪرڻ گناه تہ نہ آهي؟

**جواب:** ڪو حرج ناهي. ريڪارڊ ڪيل تلاوت بند ڪرڻ ۾ احتياط ڪرڻ وارو مون ڪڏهن بہ ناهي ڏٺو، عام طور جڏهن بند ڪرڻو هوندو آهي تہ ٺڪ ڪري بند ڪري ڇڏيندا آهن جيتوڻيڪ اها آيت اڌوري پڙهي وئي هجي ۽ ان جي معنٰي ڪجھ کان ڪجھ ٿي وئي هجي. اهڙيءَ طرح نعت شريف پڙهي وڃي رهي هجي تڏهن بہ اڌورو شعر ڇڏي ڪري بند ڪري ڇڏيندا آهن. ڪنهن جو هي ذهن ناهي هوندو تہ ٿورو صبر ڪيو وڃي ۽ اها آيت يا شعر پورو ٿيڻ کان بعد بند ڪيو وڃي. آيت پوري ٿيڻ جو اندازو ٿي ويندو آهي ڇوتہ آيت پوري ٿيڻ تي قاري صاحب رُڪجي ويندا آهن لهٰذا انهيءَ وقت بند ڪيو وڃي يا ڪو وقف اچي وڃي تہ بند ڪيو وڃي. ۽ نعت شريف عام طور اُردو يا سنڌي ۾ پڙهي وڃي رهي هوندي آهي تہ شعر

1بهارِ شريعت، 518/1،حصه 3: (ملفوظاتِ امير اہل سنت ، 242/4)

مڪمل ٿيڻ جي خبر پئجي ويندي آهي تنهنڪري شعر مڪمل ٿيڻ تي بند ڪيو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن مدني چينل تي نعت شريف پڙهي رهيا هجو ۽ مدني چينل بند ڪرڻو هجي ته ٿورو بيهي رهو ۽ شعر مڪمل ٿيڻ ڏيو پوءِ بند ڪيو، ڪڏهن ڪڏهن شعر جي مصرع مڪمل ٿي ويندي آهي ته معنائون به پوريون ٿي وينديون آهن هن صورت ۾ مصرع مڪمل ٿيڻ تي بند ڪندا ته معنائون فاسد نه ٿينديون جيئن **"نور وارو آيو آهي"** هي هڪ مڪمل مصرع آهي، جيڪڏهن هيءَ ئي نعت هلي رهي هجي ۽ اجان صرف ايترو پڙهيو هجي "نور وارو آيو آهي" ۽ فوراً بند ڪري ڇڏيو ته هي درست ٿيندو بلڪ صرف ايترو پڙهيو "نور وارو" ۽ بند ڪري ڇڏيو تڏهن به ڪو حرج ناهي پر هر شعر ۾ ائين ناهي هوندو جو ان جي اڌوري مصرع تي بند ڪيو وڃي. جيڪو ٿورو گهڻو اردو سمجهندو هوندو ان کي اندازو ٿي ويندو ته ڪٿي بند ڪرڻ گهرجي؟ ياد رکو! جڏهن عشق ۽ محبت ۽ ادب ۽ احترام جو ذهن ٺهبو ته هن طرح جون احتياطون خود بخود ٿينديون.

اڄڪلهه ماڻهو پنهنجي موبائل فون تي تلاوت واري ٽون لڳائيندا آهن يا نعت شريف جو ڪو شعر لڳائيندا آهن جڻ انهن جهڙو ڪو عاشقِ رسول آهي ئي نه، جڏهن ڪنهن جي ڪال ايندي آهي ته ٺڪ ڪري فون Receive ڪري وٺندا آهن، توڙي تلاوت يا شعر جتي به پهتو هجي. پڻ هتي تلاوت يا نعت شريف ٻڌڻ مقصد به ناهي هوندو تنهنڪري هن طرح تلاوت يا نعت شريف پنهنجي موبائل تي نه لڳايو. جيڪڏهن تلاوت يا نعت شريف ٻڌڻي آهي ته پنهنجي موبائل ۾ هزار نعتون ڀرائي ونو ۽ ٻڌندا رهو پر هن طرح گهنٽيءَ جي جڳهه تي نه لڳايو. تلاوت يا نعت شريف جي جڳهه ڪا سادي ٽيون جنهن ۾ ميوزڪ نه هجي اها لڳايو ڇوته ميوزيڪل ٽيون جائز

ناهي. موبائل ۾ هن طرح جا کوڙ آپشن هوندا آهن جنهن ۾ بنا ميوزڪ واري ٽيونز ملي وينديون آهن پر ماڻهن جي عادت ئي ميوزڪ واري ٽيون رکڻ جي بڻجي چڪي آهي ان کري اهي ئي لڳائيندا آهن، هن کان سچي توبھ ڪرڻ گهرجي. هن جو خيال صرف تلاوت يا نعت شريف ۾ ئي ناهي رکڻو بلڪ جيڪڏهن بيان وغيره ٿي رهيو هجي تہ ان ۾ بہ رکڻو آهي مثال طور مدني چينل تي ڪنهن مبلغ جو بيان ٿي رهيو آهي تہ اتي بہ غور ڪيو تہ ڪڏهن بند ڪرڻو آهي؟ ڪنهن اهڙي جملي تي بند نہ ڪيو جنهن ۾ معنائون مٽجي وينديون هجن. ۽ جيڪڏهن مسئلو بيان ٿي رهيو هجي تہ اهو مسئلو پورو ٿيڻ ڏنو وڃي يا جيڪڏهن ڏِگهو آهي تہ ڪو جملو پورو ٿي وڃي تڏهن بند ڪيو.[1]


**سوال:** چا ميموري ڪارڊ ۾ موجود ريڪارڊ ڪيل تلاوت ٻڌي ڪري ان جو ثواب ايصال ڪري سگهون ٿا؟

**جواب:** ايصال جي معنٰي پهچائڻ ۽ پيش ڪرڻ آهي. جنهن عمل تي ثواب ملي مثال طور فرائض ۽ نوافل وغيره تہ ان جو ثواب ايصال ٿي سگهي ٿو. ميموري ڪارڊ ۾ موجود ريڪارڊ ڪيل تلاوت ٻڌندا تہ ظاهر آهي ثواب ملندو، جڏهن ثواب ملندو تہ ايصال بہ ٿي سگهندو تنهنڪري ان جو ايصالِ ثواب بہ ڪري سگهو ٿا. البت براهِ راست تلاوت ٻڌڻ جو پنهنجو ثواب آهي، ٻنهي ۾ فرق آهي.[2]

نوٽ: صفحي 7، 8، 9 جا سوالات ۽ صفحي 11 جو ٻيو سوال شعبہ ملفوظاتِ اميرِ اهلسنّت جي طرف کان قائم ڪيا ويا آهن جڏهن تہ جوابات اميرِ اهلسنّت جا ئي عطا ڪيل آهن.

1 ملفوظاتِ امير اہل سنت، 584/4
2 ملفوظات امير اہل سنت، 253/6

## ايندڙ هفتي جو رسالو





عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net